# ماڙين ماريس ڪينڪي

عبدالواحد آريسر

# ماڙين ماريس ڪينڪي

(جيل ڊائري)

عبدالواحد آريسر

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
2003ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٻه سئو ستيتاليهه

ڇپائيندڙ    نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد. حيدرآباد. سنڌ.

ڇپيندڙ    ذڪي پرنٽنگ پريس، ڪراچي.

ٻيو ايڊيشن    مئي 2003ع

**قيمت**    100/- روپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

MARYAN MARIS KEEN'A KEE. Written by ABDUL WAHID ARISER. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition August 1989. Second Edition May 2003. Price Per Copy Rs. 100/-
Book No. 247

---

هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن رني ڪوٽ پبلڪيشن، حيدرآباد. آگسٽ 1989 ۾ شايع ڪيو.

بنگلاديش جي آزاديءَ جي علمبردار،
سونار بنگلہ جي عظيم سپوت، شهيد،
شيخ مجيب الرحمان جي نالي! — **آريسر**

هيءُ گهاءُ ڏس جبين تي، هو خون ڏس سنگين تي،
تکبير جا هي هُوڪرا، هُو لاش ڏس زمين تي،
ڪَسين ۾ جَرَ جي جاءِ تي خون آ وهي هليو،
گلابُ هن زمين جو ڪو هتِ ڪريو، ڪو هُتِ ٽنگيو! — **(حليم باغي)**

جهروڪن جهوريو هِنيون، ڪوڙين آءُ ڪُنياس،
مارُن مُنجهه مُياس، نَہ تہ ماڙين ماريس ڪينڪي!

— شاهه.

# تاريڪ دور جي روشن ڪهاڻي

هي منهنجو ڪتاب ’ماڙين ماريس ڪينڪي‘ ضياء دور ۾ جيل اندر منهنجي ذهني روشنائين جو سفر آهي. هن ڪتاب جا ٻہ حصا هيا، جن مان هڪڙو جيل اندر مون تي گذرندڙ ڪيفيتن جي داستان جو ۽ ٻيو حصو جيل ڪان محترم جناب پروفيسر عالماڻي جي مهرباني سان اسپتال منتقل ٿيڻ ڪانپوءِ اسپتال اندر محسوس ۽ پڙهيون ويندڙ شين جو عڪس هو.

مونکي افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ جيل اندر مون جيڪو بہ مواد لکيو اهو گم ٿي ويو ۽ اسپتال اندر جيڪي لکيم سوئي ماڙين ماريس ڪينڪي جي نالي سان شايع ٿيو هو. هاڻ محترم فيروز احمد هن ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن ڇپائي رهيو آهي. ان ڪان بہ وڌيڪ مواد جيل اندر لکيل ڪتاب ۾ هيو، جيڪو محترم رسول بخش ٿيبي جي هٿان گم ٿي ويو. مثال طور هن ڪتاب ۾ مونکي ڦتڪا لڳڻ جو ذڪر نہ آهي. جيڪو هُن حصي ۾ هيو. مونکي 11 فيبروري 1981ع تي ڏهہ ڦتڪا هنيا ويا، جيڪي ايڏا تہ زوردار هيا جو ستين ڦتڪي تي ڦتڪو ٽٽي پيو. انهيءَ جي جاء تي ٻيو آڻيو پيو. ان جي باوجود بہ ٽڪٽڪيءَ تان لهڻ ڪانپوءِ مون اسٽريچر تي اسپتال وڃڻ ڪان انڪار ڪيو. آرمي ميجر جي سامهون آئون زور سان پير هڻندو اسپتال ڏانهن روانو ٿيس ۽ مونکي اسپتال ۾ معمولي ملم پٽي ڪانپوءِ پنهنجي وارڊ ۾ وٺي آيا. جتي آئون اونڌو ستو هيس. جو تہ سنئين سمهڻ جي گنجائش نہ هئي. ان وقت منهنجو ادبي هم ذوق رسول بخش پليجو مونسان ملڻ آيو ۽ مونکان پڇڻ لڳو تہ ڦتڪن لڳڻ وقت ڇا محسوس ڪئي. ڪيس ٻڌائيم تہ ذادي تڪليف ٿي پر دانهن انڪري نہ ڪيم جو اُن وقت مونکي نهرو

ياد اچي ويو. جنهن لکيو آهي تہ سائمن ڪميشن جي بائيڪاٽ وقت لکنوءَ ۾ جلوس جي اڳواٽي مون پئي ڪيئي ۽ گهوڙي سوار پوليس لٺيون وسائڻ شروع ڪيون ۽ هڪڙي لٺ منهنجي مٿي ۾ ايڏو زور سان لڳي جو مٿو ڦاٽي پيو ۽ رت ريلا ڪري وهڻ لڳو. دل چاهيو تہ پوليس جي لٺين کان ٻچي وڃان پر سوچيم تہ، نهرو جي تون اڄ ڀڄئين تہ هندستان جو مستقبل صديون پوئتي هليو ويندو. اها ڳالهہ مون بہ ذهن ۾ رکندي رڙ نہ ڪيئي تہ آريسر تو اڄ ڏک تي دانهن ڪئي تہ اها سنڌ جي سمورن سياسي قيدين جي دامن تي ڪارو داغ بڻجي ويندي ۽ هر حال ۾ مونکي پنهنجي سنڌ سياست جي عظمت برقرار رکڻي هئي، ان ڪري سڀ سور پي ويس.

(2) اُن ڪتاب ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي هڪڙي خوبصورت ۽ پياري ورڪر سڪندر اعظم مگسي جو بہ ذڪر هو، جيڪو اسان جي قومي تاريخ ڏانهن عبدالله مگسي جو ننڍو ڀاءُ هو، جنهن کي ٽارچر سيل مان جيل ڏانهن آندو ويو هو. هو ايڏو تہ خوبصورت هو جڻ تہ چاچري جي صبح ۾ روهيڙي جو گل. هن روئيندي مونکي ٻڌايو سائين پيو تہ نهيو منهنجي ويهڪ جي جاءِ تي سگريٽ جي ڏنين سان لکيو آهي تہ لو سنڌو ديش. پوءِ وري هفتيوار گڏجاڻي تي پليجو صاحب مون وٽ آيو تہ مون ڪيس اها وارتا ٻڌائي ۽ پليجي صاحب مونکي چيو تہ مونسان هڪرو معاهدو ڪيو جنهن ۾ اِهيو هيو تہ پاڻ اُن جو انتقام ان طرح وٺنداسين جو انهن ايذاءُ ڏيندڙن جي بہ ساڳين جاين تي ....... ۽ مونکي افسوس آهي تہ اسين ان تي عمل نہ ڪري سگهياسين.

اُن حصي ۾ مانيٽي اوني جي آپگهات جو بہ ذڪر آهي. مانيٽو ٿر واسي هجڻ جي حيثيت سانِ منهنجو ويجهو ۽ وڏي ڳالهہ تہ جڏهن هو ميرپور خاص ۾ شاگرد هو، ان وقت هن جي شاعري پيغام رسالي ۾ مون شايع ڪئي هئي. مانيٽي تي مون تفصيلي لکيو هو. اُن مان مونکي اجان بہ هڪڙو جملو ياد آهي تہ مانيٽا پاڻ ٿري ايڏا تہ ڪمزور ناهيون جو هڪ ڇوڪري جي مرڪ رسڻ سان آپگهات ڪري ڇڏيون. پاڻ تہ

اُن راڻي جا وارث آهيون جنهن جي رسڻ تي مومل چڪيا چاڙهيندي آهي.

(3) مون 1978ع ۾ شادي ڪئي هئي ۽ سهاڳ آئون ماڻي نہ سگهيس جو 1978ع ۾ آئون زندان جي حوالي ڪيو ويس. اهي سڀ ڪيفيتون مون پنهنجي اُن ڪتاب ۾ لکيون هيون ۽ پتائي جون هي سٽون انهن جون عنوان هونديون هيون.

ڪوئي سي راتڙيون، جي پريانڙي پيون
تارا تر تلو ڪئيون مٽن ڦلسٽويون.

ان ڪانسواءِ هڪڙو مذاڃ واقعو بہ ان ۾ هيو تہ صمد ڪانڌڙي جيڪو سنڌ يونيورسٽي جساب جو صدر رهيو هو. ان کي رحمت الله هيسباڻي ٻئي وارڊ مان چٺي موڪلي تہ پيارا ورزش ڪندو ڪر. ڇو تہ مضبوط جسم ۾ مضبوط ذهن رهي ٿو. صمد مونکي اِها چٺي پڙهائي ڇيو تہ جواب ڪهڙو لکان. مون ڇيو تہ لک پيارا، پڙهڻ جي ڪوشش ڪر. پڙهڻ سان ئي مضبوط ذهن ٺهندا آهن. جيڪڏهن مضبوط جسمن سان مضبوط ذهن ٺهن ها تہ هندستان جو ليڊر مهاتما گانڌي نہ. گاما پهلوان هجي ها. ان ڪانپوءِ وري رحمت الله ڪڏهن بہ ان کي چٺي نہ لکي. هتي هڪڙي تاريخي حقيقت ٻڌائيندو هلان تہ ذوالفقار علي ڀٽو جون ٽي خواهشون هيون.

(1) نيوز ويڪ جي ٽائيٽل تي منهنجو فوٽو اچي.

(2) ڪراچي هاءِ ڪورٽ جي بار کي خطاب ڪريان.

(3) سنڌ يونيورسٽي ۾ شاگردن کي آرٽس فئڪلٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ مخاطب ٿيان.

۽ هي حيرت انگيز ڳالهہ آهي تہ ان جون ٽئي خواهشون پوريون نہ ٿيون ۽ جڏهن هو اقتدار تان لٿو تڏهن هن ڇيو، جوڏري ............... ڪراچي يونيورسٽي ۾ خطاب ڪري سگهي ٿو تہ آءٌ سنڌ يونيورسٽي ۾ خطاب ڪري سگهان ٿو. ان وقت صمد ڪانڌڙو جساف سنڌ يونيورسٽي جي صدر جي حيثيت ۾ بيان ڏنو هو تہ ڀٽا صاحب تو ڇيو هو جيڪو ڍاڪا جي اسيمبلي جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ويندو آئون ان جون ٽنگون ٽوڙي ڇڏيندس ۽ اها تنهنجي

تاريخي ۽ سياسي اقتدار جي حوس جي غلطي هئي ۽ آئون توکي وارننگ ڏيان ٿو تہ جيڪڏهن تون سنڌ يونيورسٽي آئين تہ جساف تنهنجون ٽنگون ٽوڙي ڇڏينديءَ نتيجي طور پٽو يونيورسٽي نہ آيو. برحال هن جون اهي تئي خواهشون پوريون نہ ٿيون. جيکي ماڻهو پنهنجي قومن سان رشتا ٽوڙيندا آهن تن جو اِهڙو ئي حشر ٿيندو آهي. بحرحال جيڪڏهن منهنجي ڪتاب جو اهو حصو ڪتي بہ ڪنهن وٽ هجي تہ ظاهر ڪري تہ آئون شڪر گذار رهندس.

**نوٽ:**

مٿي سڪندر اعظم مگسي جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ جيل مان آزاد ٿيو هو ۽ پوءِ گم ٿي ويو يا اڳهات ڪري ڇڏيائين يا وري ايجنسين مارائي ڇڏيو.

**عبدالواحد آريسر**

15-4-2003

ساڳو صفت گانڌي جيءَ جي عدم تشدد واري فلسفي جي اهميت کي شدت سان محسوس ڪري رهي آهي. "گانڌي ازم ۽ اهنسا جي اهميت" تي آريسر صاحب، هن ڊائريءَ ۾ جنهن مدلل ۽ مفصل انداز ۾ روشني وڌي آهي، آئون نه ٿو سمجهان ته ان کان بهتر "عدم تشدد" جي تشريح ڪنهن ڪئي هوندي. ان لاءِ "ماڙين ماريس ڪينگي" جو مطالعو پڙهندڙ پاڻ ڪن، آءٌ سندن وچ ۾ رڪاوٽ بنجڻ نه ٿو چاهيان.

ٻولي، آريسر جي گولي آهي. پر هن ڊائريءَ ۾ هن جنهن سگهه ۽ سونهن واري ٻولي ڪم آندي آهي، منهنجي نظر ۾ اها آريسر جي ٻوليءَ جي ڦوهه جوڀن جي علامت آهي ۽ مون کي پڪ آهي ته آريسر جي ٻوليءَ جو اهو جوڀن هميشه قائم رهندو.

— تاج جويو

سمجهان تو ته جوهري جنگ کي صرف دوشيزه جو ڳوڙهو ئي بار جي مرڪ ئي روڪي سگهن ٿا.

●

— ڪنهن وقت مون اهڙا چهرا تلاش پئي ڪيا، جن جي چپن تي مرڪ ائين ريلا ڪري وهندي هجي، جيئن نئڏي ٻار جي راڻن مان ماءُ جي ٿڃ ريلا ڪري نڪرندي آهي. پر آءٌ چريو هوس، مون کي خبر نه هئي ته هن ڌرتيءَ تي انسان جي چهري تان آخري پيرو مرڪ تڏهن غائب ٿي، جڏهن ڀٽائيءَ جي جيئري جاڳندين آڱرين ۾ تنبوري جي تارن ڪسي ڇهڻ جي طاقت نه رهي. ۽ ان ڪان پوءِ سنڌ جو ماڻهو ته هميشه روئندو رهيو آهي. ايتري قدر جو اڄ هن جي اکين مان ڳوڙهن جو پاڻي به سڪي ويو آهي ۽ هو روئي به نه ٿو سگهي. هن جي ڳل تي اهو ڳوڙهو به نظر نه ٿو اچي، جنهن ۾ هڪ ئي وقت زندگيءَ جي حرارت هجي ۽ ايتم جي تباهي پڻ. اهو ڳوڙهو اهڙو ته گرم هجي، جو ڪنهن اڻ ڇهيل جسم تي ڪرڻ سان ان جون لونڊڙيون به گرم ٿي وڃن. اڄ ته سنڌ جي ماڻهوءَ جي چهري تي ڪاوڙ جي بجاءِ ڏک رهجي ويو آهي. سنڌ سڄي ڏکويل چهرا!

●

— تنهنجي وارن جي
بدليل ربن ڏسي سمجهيم،
تون رات ڊيوٽيءَ تان غير حاضر هئينءَ،
۽ تنهنجي چال ڏسي سوچيم،
تو رات ڪتي گذاري!

سگھي ويو ۽ ڪائنات جي واڳ رکجي ويندي.

آءٌ دوست محمد (سپاهيءَ) کي سليماني چانهه جو چئي، واپس اچي لکڻ ويٺس ته روم جو دروازو ٺڪاءَ سان کليو. مون ڊائريءَ تان نظرون هٽائي ڏٺو ته دروازي ۾ ساڳي نرس ٻنهي ڪيسن ۾ هٿ وجهي، انتهائي دلڪش انداز ۾ مرڪي رهي هئي. نرس کي مرڪندو ڏسي، آءٌ به مرڪي پيس ته هن چيو: "دروازو زور سان کولڻ لاءِ معافي ٿي وٺان." آءٌ ان طرح دروازي کولڻ جو مطلب نه سمجهي به چئي ويٺس ته: "نه، ڪا ڳالهه نه آهي. دروازي زور سان کلڻ سبب گهٽ ۾ گهٽ مون اهو سمجهيو ته ڪائنات پنهنجيءَ پوريءَ رفتار سان اڳتي وڌي رهي آهي، ۽ ٻاهر زندگي سنڌوءَ جي رفتار سان جاري آهي." نرس، منهنجي ڳالهه نه سمجهندي، هڪ انداز سان مرڪندي ٻاهر نڪري ويئي. مون کي پنهنجا لفظ ائين ضايع ٿيندا ڏسي، ابوالڪلام آزاد ياد آيو، جنهن چيو هو ته "آءٌ اهڙي دور ۾ پيدا ڪيو ويو آهيان، جنهن دور جو ماڻهو نه آهيان!"

●

— "اڄ تيرهين صديءَ جي هڪ گرجا گهر کي ڏسي رهي هيس، جيڪا هڪ پهاڙ جي چوٽي ڪٽي، ٺلي ٺاهي ويئي آهي. مٿاهين ٽلهيءَ کان هڪ ننڍي ڏاکڻ پٿرن جي هڪ غار ۾ ويئي ٿي. غار ۾ هڪ چڪ محسوس ٿي. هٻڪندي ڪنهن کان پڇيم: "ڇا، مان ان غار ۾ وڃي سگهان ٿي؟" اها جڳهه جهڙوڪر زبردستيءَ مون کي ڇڪي رهي هئي. پر پوءِ مون خود ئي هٻڪي سوچيو، "شايد نه!" ان ڪري، جو ڏٺم ته ماڻهو انهيءَ ٽلهي کي چمي رهيا آهن. سو سوچيم، شايد چمڻ واريءَ جاءِ تي پير رکي اڳتي وڃي نه ٿي سگهيس.

۾ مون کي جواب مليو ، ” انهيءَ غار ۾ هڪ طاق رکيل آهي، جتي ڏيئو ٻاري، اسان جا اديب، ڌارين حملي آورن کان لڪي، وقت جي تاريخ لکندا هئا.“

— امرتا پريتم،
آرمينيا
(رسيدي ٽڪٽ تان ورتل)

●

— ڇيو وجي ٿو تہ اسان آزاد آهيون، اسان جدوجهد ڪري آزادي ورتي آهي. نتيجي طور عوام آزاديءَ مان فائدو حاصل ڪري رهيو آهي.

اهڙيون دعوائون سڀ ڪوڙيون آهن، ٺٺاڪون آهن ۽ فريب ڪاريون آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ اڄ هن ملڪ تي انگريز جو روحاني اولاد حڪومت ڪري رهيو آهي. هندستان ۾ اهو ماڻهو حڪمران آهي، جنهن جيل، لٺيون ۽ گوليون کاڌيون. ان جي برعڪس اسان وٽ اهو طبقو شروع کان وٺي حڪومت ڪندو رهيو آهي، جنهن عوام تي انگريزن جي چوڻ تي گوليون هلايون. انگريزن جي وفاداريءَ ۾ نہ صرف هتي جي حريت پسند عوام کي قتل ڪيو ويو، پر انهيءَ ٽولي پنهنجين ڏاڙهين سان سامراج لاءِ رستا صاف ڪرايا، ۽ پنهنجي زالن جي ساڙهين ۽ انڊرويئرن سان غير ملڪي آقائن جي بوٽن کي پالش ڪرڻ پنهنجو شان سمجهيو هو. انگريزي سپاهيءَ کي بچائڻ لاءِ ديسي آفيسر، ڇانور انگريزي سپاهيءَ کي ڏيندو هو ۽ پاڻ رڃو پيچ تي گذارو ڪندو هو. جڏهن ١٨٢٩ع ۾ انگريزي فوج، شاهہ شجاع کي تخت وٺي ڏيڻ لاءِ افغانستان ڏانهن رواني ٿي تہ ان وقت بهاولپور مان فوج کي لنگهڻو هو. جنهن جو اطلاع نواب صاحب کي اڳواٽ ڏنو ويو. نواب

ڪرڻ لاءِ سوچڻ تي مائل بہ ڪري نہ سگهي آهي، پر ٿا!
تنهنجي محبت منهنجي ارادن جي ڪاڪ محل ۾ ڪڏهن ڪڏهن
ڏار وجهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي آهي، او منهنجي پياري!

●

— جڏهن وقت ۽ تاريخ جو سنجوڳ ٿيو،
ان سنجوڳ کي صديون گذريون.
صدين پڇاڻان
جڳن جي بي پناهہ پيڙا کان پوءِ
تاريخ جي ڪک
وقت جي پٽ کي جنم ڏنو.
اهو اڪيلو پٽ تون هئين!
منهنجو ايمان آهي،
دشمن جي گولي
تنهنجي يقين جي سيني ۾ سوراخ ڪري نہ سگهندي.
اي منهنجا دوست!
ديس جي انڀوهہ ۾ اڻ ڇاتل وانگر ماريل
اي منهنجا پيارا!
مون تو کي هميشه سمجهيو هو،
دل کان ويجهو،
۽ ماڻهن جي نظر ۾ هئين،
پٺاڻڪي جو ڪيڏارو!

●

— هم جو تاريڪ راهون مين مارې گئي
تيري هونٺون ڪي چاهت مين
دار ڪي خشڪ ٽهني پہ واري گئي!      (فيض)

نذير عباسي ماريو ويو. هن ڏرتيءَ جو هڪ اهڙو نوجوان،

جيڪو ماءُ جي ٿڃ وانگر سادو ۽ خالص هو، جنهن جي طبيعت امن جي ڪبوتر جهڙي نرم هئي، ان کي فوجي بوٽن چيپاڻي ڇڏيو. افسوس رڳو اهو اٿم ته نذير جي ساهه جي قيمت سنڌ جي اندر ايتري به اهميت نه رکي، جيتري شيرين جي مغربي زهر آلود جسم جي.

نذير عباسي منهنجو دوست هو، منهنجو ڀاءُ هو، جيل جو ساٿي هو، پر بهادر شخصيت جو مالڪ هو. نذير عباسيءَ کي ڏسي ڇئي سگهبو هو ته هڪ انقلابي نظريو، جنهن قسم جي مثالي شخصيت تعمير ڪندو آهي، سا نذير جهڙي ٿي هوندي آهي. هو چاچي هوچي منه جهڙو سادو هوندو هو. بک ۽ ڏک هن وٽ ڪابه حيثيت نه رکندا هئا. هو پورو هڪ سال جيل ۾ مون سان گڏ رهيو هو. انهيءَ عرصي دوران مون هن کي ڪڏهن به ڪاوڙيل نه ڏٺو. هميشه لطيف جي ڪاهوڙين وانگر غربت ۾ گذاريندو هو. ڪراچيءَ جا ڪميونسٽ سنڌس ڪابه پرگهور نه لهندا هئا. ايتري قدر جو هڪ سال ۾ هن کي هڪ هوائي چپل به وٺي نه ڏنائون. پر هو ڪين پارٽي ۽ نظريي جي عظيم مفاد خاطر ڪجهه به نه چوندو هو، جيتوڻيڪ پناهگير ڪميونسٽ هر شنوائيءَ تي سامان جون پوريون ڀري کڻي ايندا هئا. پناهگير ڪميونسٽ لڏي ۾ نذير عباسيءَ جهڙا سلڇڻا نينگر ائين محسوس ٿيندا هئا، جيئن ڪنگن جي وچ ۾ هنج. شايد ٿورن دوستن کي خبر هجي ته نذير هڪ سٺو طنز نگار ليکڪ به هو، جيتوڻيڪ ان لاءِ هن پنهنجو نالو ڪڏهن به استعمال نه ڪيو. اڄ منهنجو دوست تمام پري هليو ويو آهي، انتهائي بيوسيءَ واريءَ حالت ۾. نذير جي موت جو ٻڌي مون جهڙي اهنسائيءَ جي دل ۾ به هٿيار کڻڻ جو جذبو وقتي طرح پيدا ٿيو آهي.

هن ننڍي ڪنڌ مان پنهنجا تيز هٿا هميشه لاءِ ٻڌا،
پر وڃڻ وقت ان جي جسمن تي بنگالين جا لڳايل لا تعداد
زخم هئا،
جن مان وهو پئي رت ڳڙندو.
رات جو پويون پهر هو ۽ جلدي هو سورج نڪرڻ وارو،
جنهن جي ڪرڻن سان ڪومل جسم ڪان ونئي پوڻي ۽ - گل
تائين هئا وهنجڻ وارا.
اهڙي سمي تون هئين گهريءَ ننڊ ۾،
۽ شايد تو تي هو آزاديءَ جو نشو ڪجهه وڌيڪ چڙهيل.
اهڙي سندر سمي ۾ بين الاقوامي قاتلن جو قافلو، ٽينڪن سان
هٿيار بند ٿي تنهنجي گهر ڏانهن راهي ٿيو.
ٿوريءَ دير ڪان پوءِ اهو گهر جتي آزاديءَ جا نعرا گونجندا
هئا،
جتي تارين جي موسيقي وڄندي هئي، ۽
جتي چوڙين جي ڇڻڪار سان بنگال جو جادو ڪر موڙي
ائندو هو،
اتي هو بارود جو دونهون، گولين جا ٺڪاءَ ۽ ٻارڙن جون
آهون!
تنهنجو مقدس لاش سيني تي ڇهه گوليون کائي دروازي تي
پيو هو،
جو نه زندگيءَ جي ڪنهن موڙ تي
پٺ ڏيئي ڀڄڻ تو نه هو سکيو!

●

— توهان اونداهين جا پوڄاري آهيو. توهان جي چهرن تي
انسانيت جي رت جي ڳاڙهاڻ آهي. توهان پوريءَ انسان ذات
جا قاتل آهيو. توهان جي وردين تي انساني رت جا ڦڙا لڳل
آهن ۽ اوهان جا ٻلا انساني گوشت جا ٽڪرا آهن. پوريءَ

”انهن حالتن ۾ اسان دعوت ٿا ڏيون تہ اچو! سنڌ کي انهيءَ حالت مان ڪڍڻ لاءِ سنڌ پ-پ سميت سڀ جماعتون متحد ٿيون. باقي پنجاب جي مظلومن جي مدد سان حق حاصل ڪرڻ واري ڳالھہ، جيڪڏهن جماعت اسلاميءَ جو ڪو ماڻهو ڪري ها تہ مون کي تعجب نہ ٿئي ها. پر پليجي جي واتان اهڙي ڳالھہ ٻڌي مون کي بي اختيار چوڻو ٿو پوي تہ: ”اي مير! ڪيڏو نہ سادو آهين، جو اُن عطار جي لونڊي کان دوا وٺڻ آيو آهين، جنهن جي ڪري بيمار ٿيو آهين.“ (اردو شعر جو ترجمو)

(ع) ”ها، سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جو قومي تشخص برقرار رکنديءَ اتحاد ٿي سگهي ٿو، پر سماجي ۽ شعوري سطح ۾ ناهمواريءَ جي ڪري اهڙا اتحاد اڪثر ڪري هلي نہ سگهندا آهن. باقي مظلوم قومون، اتحاد جي ڪنهن مڪمل فارمولي نہ هئڻ ڪري بہ هڪٻئي جي هر طرح مدد ڪري سگهن ٿيون ۽ ڪنديون رهن ٿيون. رسول بخش پليجي صاحب کي خبر آهي تہ هڪ وقت ۾ ڪمبوڊيا، ويتنام ۽ لائوس جون فوجون گڏيل ڪمان هيٺ آمريڪي سامراج جي خلاف وڙهنديون رهيون هيون، پر ٽنهي قومن جي سماجي، سياسي ۽ تنظيمي صلاحيت ۾ فرق هجڻ ڪري، جلد ئي اها متحده فوج ٽوڙڻي پئي. ساڳي حالت بلوچ-سنڌي اتحاد جي باري ۾ بہ ٿي سگهي ٿي. بلوچ عوام گوليءَ واري ويڙهہ ۾ گهڻو اڳتي وڌيل آهي، پر قومي شعور ۽ قومي ادب جي باري ۾ انتهائي مفلس آهي. اتي بزنجو، شيروف مري ۽ عطاءالله مينگل تہ آهي، پر جي-ايم-سيد، رسول بخش پليجو ۽ قاسم پٽر ڪونهي. ان ڪري بلوچ جڏهن بہ اٿيا آهن تہ قبائلي بنيادن تي ۽ سنڌي جڏهن بہ اٿيا آهن تہ هڪ قوم جي صورت ۾.

(د) ”منهنجي دوست چيو آهي تہ هن صديءَ ۾ ويتنام آزاديءَ جو مثالي مورچو آهي، ۽ اتي قومي ۽ طبقاتي جنگ

نہ ڏين، جيئن لي دوئان ڪيو آهي. دنيا ۾ صرف لبي دوئان نہ آهي، دنيا ۾ ايملڪار ڪبرال بہ آهي. دنيا ۾ رگيو جنرل گياپ نہ آهي، پر بومدين بہ آهي، سامورا ماشيل بہ آهي، بن بالله بہ آهي، ڪاسترو بہ آهي ۽ مجيب الرحمان بہ آهي. ڪنهن هڪ کي هن صديءَ جي جنگِ آزاديءَ جو ٺيڪو نہ ڏيو. آخر ۾ اڻون هي لفظ چوندس تہ:

آجيون ٿينديون ساريون قومون،
گوريون ٽوڙي ڪاريون قومون،
ٽڪيون مانديون، هاريون قومون،
جن ۾ دودا ديس - فدائي، جيئي جيئي شاهہ پٺائي!
—— (محمد خان مجيدي)

ٻئي ڏينهن جيل ۾ رهندي، ٻاهر ڪم ڪرڻ جي ڪنهن فارمولي تي ڪمِ ڪرڻو هو. پر پليجي صاحب جي اِت هٺي ٻيهڻ سبب اهو ڪم نہ ٿي سگهيو. پهرين تہ اهو شرط رکيائين تہ جيڪڏهن پٽر ۽ شير خان کي ميٽنگ ۾ ويهاريو ويو تہ هُو نہ ويهندو، ڇو تہ پٽر ۽ شير خان جي تنظيمي حيثيت نہ آهي. اهو نياپو شاهہ محمد شاهہ کڻي آيو. انهيءَ نياپي تان قدرتي طرح مون کي منيان لڳي، سو چوائي موڪليم تہ: ”پوءِ تون، پي- اين- پي ۽ پ- پ- پ جي وڏيرن سان ويهي ٺاهہ ڪر، آءٌ وڃان ٿو هليو.“ ٿوريءَ دير کان پوءِ شاهہ محمد شاهہ موٽي آيو ۽ اچي چيائين تہ پليجو چوي ٿو تہ: ”پوءِ آءٌ بہ پاڪستان عوامي تحريڪ جي ٻن نمائندن، سنڌي شاگرد تحريڪ جي ٻن نمائندن، سنڌي هاري تحريڪ جي ٻن نمائندن ۽ سنڌي عوامي تحريڪ جي ٻن نمائندن سان گڏجي ميٽنگ ۾ ايندس.“ مون چيو: ”مون کي انهي تي ڪوبہ اعتراض ناهي، ٿي سگهي تہ سنڌي عوامي تحريڪ جي ٻن خواتين نمائندن کي بہ گهرائي سگهي ٿو؛ ۽ اسان پنهنجي انهن مائرن جي عزت ۽ مانُ سڀني مائرن جهڙو ڪنداسون.“ اهو جواب ڏئي آءٌ اُٿي وڃي پنهنجي وارڊ

۾ سٺمهي رهيس. ڪلاڪ کان پوءِ محمد خان سومري جسو برداشتي آيو ۽ اچي هڪ چٺي ڏنائين، جنهن ۾ لکيل هو ته:

”محترم آريسر صاحب!

جناب پليجي جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن جيئي سنڌ طرفان حبيب الله ناريجو ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيو تہ آءٌ ڪونہ ايندس. مهرباني ڪري انهيءَ صورتحال ۾ جلدي جواب ڏيندا.“

ناريجي جو واقعي رويو غلط رهيو هو، جنهن جو اسان کي بہ احساس هو. پر پليجي جي شرطن مٿان شرط وجهڻ سبب مون فوري طرح لکي موڪليو تہ ”ناريجي کان سواءِ آءٌ بہ ڪونہ ايندس. توهان پنهنجي ڪاروائي هلائڻ لاءِ آزاد آهيو.“ نتيجي طور محمد خان سومري، وچ ۾ اچي معاملي کي ختم ڪرائي ڇڏيو. اڳتي هلي مون کي خبر پئي تہ پليجي اهو مشهور ڪرايو هو تہ ”شير خان، پٽر ۽ آريسر منهنجي قتل جي اسڪيم ٺاهي هئي، جنهن ۾ حبيب الله ناريجي کي ڪرائي جي قاتل جي حيثيت ۾ استعمال ڪرڻ جي رٿ هئي. ان ڪري مون مختلف رڪاوٽون وجهي، سندن شيطاني اسڪيمن کي ناڪام بنائي ڇڏيو.“ خبر ناهي جيئي سنڌ وارن کي سنڌ جا سياسي ڪارڪن ڇو ايڏو دهشت پسند سمجهندا آهن!

●

— مون پنهنجي دوست پليجي کان پڇيو: ”تو کي سڀ کان وڌيڪ کهڙو ماڻهو سهڻو لڳندو آهي؟“ جواب ڏنائين، ”آها خوبصورت جوان عورت، جيڪا شين سان محبت ڪرڻ بجاءِ ماڻهوءَ سان بي پناهہ محبت ڪري، هن جي محبت جو مرڪز صرف ماڻهو هجي.“ پڇيم: ”اهڙي محبت ملي اٿئي؟“ جواب انڪار ۾ ڏنائين. ڪيس چيم، ”ان لاءِ عورت جي ذهن ۾ وڏي تبديليءَ جي ضرورت آهي. آها هيءَ تہ ڪيس اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي تہ ڪار ڪيڏي بہ سهڻي هجي، پر ان ۾ اها صلاحيت

سان ڏنڊي جي زبان ۾ گفتگو ڪندا هجن، اتي جي عوام جي دلين ۾ سندن حاڪمن ۽ ليڊرن خلاف نفرت جا منارا مصر جي اهرامن کان وڌيڪ مضبوط ۽ ڏگها هوندا آهن. ٽين دنيا جا اڪثر مسلمان ليڊر (ناصر کي ڇڏي) پنهنجي عوام سان اثين مخاطب ٿيندا آهن، جيئن مفتوح قوم جي فردن سان فاتح مخاطب ٿيندو آهي. ظاهر ڳالهه آهي ته اهي ليڊر اهي هوندا آهن، جن کي اقتدار غير ملڪي سازشن وسيلي مليل هوندو آهي ۽ ڪين عوام جي طاقت تي ڀروسو نه هوندو آهي ۽ نه ئي انهن کي اهو تاريخي ۽ سماجي شعور هوندو آهي ته هن دور ۾ بادشاهن جا تاج ۽ تخت عوام جي قدمن جي ٺوڪرن ۾ آهن. انهن حاڪمن کي صرف فوج ۽ پوليس جي طاقت تي ڀروسو هوندو آهي ۽ انهن ادارن جي سهاري تي ئي هو حڪومت ڪندا آهن؛ حالانڪ انهن ٻنهي ادارن جهڙو ڀاڙي ادارو ٻيو ڪونه هوندو آهي. نهروءَ کي انهيءَ معاملي ۾ به پنهنجي عوام جي اخلاقي قوت تي بيپناهه ڀروسو هوندو هو. انهيءَ سلسلي ۾ هيءُ هڪ عجيب تاريخي انڪشاف آهي ته جڏهن انگريز وڃي رهيو هو، ان وقت هندستان ۽ پاڪستان جون فوجون ايڏيون منظم ۽ مضبوط نه هيون. ان ڪري، پاڪستان جي پهرئين وزير اعظم، لياقت علي خان، لارڊ مائونٽ بيٽن کي درخواست ڪئي ته جيسين تائين اسان پنهنجي پيرن تي بيهڻ جهڙا ٿيون، ان وقت تائين پاڪستان جي دفاع لاءِ انگريزي فوج رکي وڃي ته جيئن هندستان اسان تي حملو ڪري، اسان کي ختم نه ڪري.“ مائونٽ بيٽن جواب ڏنو ته: ”اهو انهيءَ صورت ۾ ٿي سگهي ٿو، جڏهن هندستان جو وزيراعظم شري جواهر لال نهرو به هندستان ۾ انگريزي فوج رکڻ تي راضي ٿئي.“ انهيءَ سلسلي ۾ جڏهن نهروءَ کان راءِ طلب ڪئي وئي ته سندس جواب هيءُ هو ته: ”مون زندگي جا قيمتيءَ سال جيلن جي حوالي هن نيت سان ڪيا هئا ته جيئن انگريزي

جمهوريت ۽ آزاديءَ جي نالي ۾ شروع ڪئي وئي، تنهن جمهوريت ۽ آزاديءَ جو تحفو صرف مغرب ڪي ڏنو. وري حيرت انگيز ڳالهه هيءَ ته دنيا ۾ پهريون ايٽم بم، ايشيا جي ٻن خوبصورت شهرن تي استعمال ڪيو ويو. حالانڪ، جيڪڏهن انصاف جي نظر سان ڏٺو وڃي ها ته، جنگ جي شروعات به مغرب ۾ ٿي هئي، جنگ جا باني ۽ محرڪ به مغربي ملڪ هئا ۽ گهڻو نقصانڪار ۽ تباهه ڪن جنگ به يورپ ۾ لڙي وئي. جپان ته تمام دير سان جنگ ۾ شريڪ ٿيو هو ۽ هن جي فوجي فتوحات ۽ حملن جو دائرو به صرف ايشيائي ملڪن تائين محدود هو. هن يورپ ۽ آمريڪا ڏانهن پيشقدمي به شروع نه ڪئي هئي، پر پوءِ به ائٽم بم جي سزا ايشيا جي هڪ خوبصورت ۽ سندر ملڪ جپان ڪي ڏني وئي. آن جا مکيه ڪارڻ صرف ٽي هئا:

(١) : ته جپان، ايشيا جو واحد ملڪ هو، جنهن يورپ جي هڪ ملڪ روس کي گهڻو ڪري ٥ - ١٩٠٤ع ۾ زار شاهيءَ جي دور اندر فوجي شڪست ڏني هئي - ۽ يورپ کي آن تاريخي شڪست جو بدلو وٺڻو هو ۽ اهو بدلو اهڙي ته پيانڪ صورت ۾ ورتو ويو، جو موجوده مهذب مغرب جي وحشانيت ۽ بربريت تي چنگيز ۽ حجاج جا روح به شرمندا ٿيا هوندا.

(٢) : ته هن هڪ ايشيائي ملڪ هوندي، اها جسارت ڪئي هئي، جو ان آمريڪي قبضي هيٺ آيل هاربر پيٽن تي حملو ڪيو هو، جيڪا ڳالهه مغرور، طاقتور ۽ برتريءَ جي نشي ۾ چُور مغرب ڪيئن ٿي برداشت ڪري سگهيو.

(٣) : ته هن نه صرف ويتنام پر برما، سيلون ۽ سينگاپور ۾ مغرب وارن کي ذلت آميز شڪستون ڏنيون، پر هو هندستان کي انگريزن جي قبضي مان ڪڍائڻ لاءِ نيتاجي سباش بابوءَ جي مدد سان اڳتي وڌي رهيو هو.

البت انهن سببن سان ”ڇوٽون سبب“ به گڏي سگهجي

هڪ جهلڪ ڏسي، آن جا رنگ پنهنجي ذهن ۽ روح ۾ رچائي، وري انهن اونداهن رستن ڏانهن موٽي وڃان. پر توکي ڏسڻ ته ٿيو، پر تنهنجيءَ ڪنهن هڪ جهلڪ جو ڪو رنگ به پنهنجيءَ اداس دل ۾ اوتي نه سگهيو آهيان. بيخبري مون کي گهيرو ڪري ويٺي آهي. مون کي خبر ناهي ته تون ڪٿي آهين؟ پر پوءِ منهنجي چوڏاري هيءَ ڇانئل سڃاڻل ڪارن ڀنين وارن جي خوشبو ڪنهن جي آهي؟ هيءَ جوانيءَ جي ڀڳهر جي بوءِ ڪنهن جي آهي؛ جنهن جي هڪ جهوٽي سان انسان ته انسان پر خالق، ڪائنات تي به شيمپئن جو نشو چڙهي ويندو آهي. تون نه ملئين، شايد عمر پر اچي تنهنجي ڳولا ۽ ڳالهيون ڪندو رهندس. ها، اهو منهنجو مقدر آهي!

●

— اڳي نندي هوندي اسڪول ۾ هڪ سبق پڙهيو هوسين ته ايران جو ڪو بادشاهه هڪ جنگ ۾ قيد ٿي، ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ويو ۽ اتي بيمار ٿي پيو. سوين ويڄ ۽ طبيب گهرايا ويا، پر ڪٿين ڪوبه فرق نه ڪيو. نيٺ تنگ ٿي، اتي جي بادشاهه جي شهزاديءَ، قيدي بادشاهه کان پڇيو ته: ”آخر تنهنجيءَ بيماريءَ جو علاج ڪهڙو آهي؟“ موت جي بستري تي ستل بادشاهه جواب ڏنو ته: ”ايران جي مٽيءَ جو ذرو ۽ اتي جي پاڻيءَ جو ڍُڪ، منهنجيءَ بيماريءَ جو واحد علاج آهي.“ نيٺ علاج جو اهو طريقو آزمايو ويو ۽ قيدي بادشاهه چڱو ڀلو ٿي پيو. ايران جي ماڻهن کي پنهنجي عظيم تهذيبي ۽ تمدني سرزمين سان بيپناهه محبت پئي رهي آهي. ايرانين لاءِ هيءَ سرزمين، ڪورش ڪبير جي سرزمين؛ زرتشت جي ڪڏهن نه اجهامندڙ باهه جي سرزمين؛ لاله و گل جي سرزمين؛ ماني ۽ مزدڪ جي انقلابي فڪر ۽ فلسفي جي سرزمين؛ حافظ

ته سڀ وڏيرا ۽ ڪرمنل ڏوهن ۾ قاتل سيمت ته رات جو ڏهين وڳي بند ٿيندا هئا، پر آءٌ ۽ مون جهڙا ٻيا قيدي ڇهين وڳي رات جو بند ٿيندا هئاسون. هڪ دفعي ........... مون وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو ته جيڪڏهن توهان چئو ته جيل انتظاميه کي چئي، توهان جي بند ٿيڻ جو وقت بدلرايان. مون سختيءَ سان انڪار ڪري ڇڏيو، ڇو ته مون سمجهيو ٿي ته جيڪڏهن هن کي هڪ سنڌي سياسي قيديءَ جي حيثيت ۾ مون سان همدردي هجي ها ته پاڻمرادو جيل انتظاميه کي چئي پئي سگهيو، نيٺ مون کان پڇڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي.

.... .... .... کي چيم ته ”جيڪا جيل انتظاميه شاگردن کي جيل مان ڪڍي، ايف- آء- يو (F. I. U) وارن جي حوالي ڪندي رهي ٿي؛ جتي اُنهن ابهم ٻارڙن جي جسمن کي ڏتا هڻڻ کان سواء سندن جسم جا نازڪ حصا سگريٽن سان ڏنڀيا وڃن ٿا؛ انهي جيل انتظاميه کان آءٌ ڪابه رعايت طلب ڪرڻ پنهنجي لاء بيغيرتي سمجهان ٿو. نه وري توهان منهنجي باري ۾ جيل وارن کي ڪنهن سهوليت لاء چئجو.“ جيل سپرنٽينڊنٽ نور الاهي شيخ ۽ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ نواز، جيڪي عقوبتون ۽ ذلتون، جيئي سنڌ جي ڪارڪنن سان ڪيون آهن، تن جي تفصيل لاء هڪ وڏي ڪتاب جي ضرورت آهي. ماڳ ماڻڻ تائين آءٌ زنده هجان يا نه، پر سنڌ جي قومي ڪارڪنن کي عرض ته جڏهن به سنڌ پنهنجن پيرن تي بيهڻ جهڙي ٿئي، اُن وقت نور الاهي شيخ جي اولاد ۽ نواز کي ضرور ياد رکجو! انهن ڪامورن جي دماغن ۾ اها ڳالهه ويٺل آهي ته ايريون ۽ مظلوم قومون هميشه ساڳيءَ حالت ۾ رهنديون، پر تاريخ اُنهن جي سوچن جي چهرن تي موچڙن جو وسڪارو لايو بيٺي آهي.

نہ پر حوصلي ۽ طاقت جي ضرورت هوندي آهي.

●

— قومن جي خود مختياري ۽ آزادي، انهن جي جدوجهد سان ڳنڍيل آهي ۽ جدوجهد جي طاقت جو دارومدار تحريڪ جي مختلف هٿيارن تي هوندو آهي. ڪنهن قوم کان سندس جدوجهد جا هٿيار ڦري وٺڻ جي معنيٰ هيءَ آهي تہ ان کان آزادي ۽ ۽ خود مختياري ڦري وڃي. ان کان پوءِ ان قوم وٽ صرف غلاميءَ واري زندگي وڃي رهندي آهي، جنهن کي زندگي چوڻ، زندگيءَ جي لفظ جي سڀ کان وڏي توهين آهي.

— ابوالڪلام آزاد

●

— جيڪڏهن مون کان ڪوئي پڇي تہ "قومن جي زندگيءَ جي معنيٰ ڇا آهي؟" تہ مان چوندس: "حوصلي جي بلندي ۽ ۽ ارادي جي پختگي."

ناڪامين جا ڏک، مشڪلاتن جون سوچون، خطرن ۽ آفتن جا پيڙو، اهي تمام شيون، انسان جون دشمن آهن، جيڪي ان جي حوصلي ۽ ارادي تي حملو ڪنديون آهن. پر انهيءَ جدوجهد ۾ فتح جو نالو تہ زندگي آهي. جيڪي قومون زنده آهن، تن لاءِ مٿين شين مان ڪابہ هڪ رڪاوٽ بڻبي نہ آهي.

— ابوالڪلام آزاد

●

(يوناني ادب)

•ينهن پڇايس مانگڙي، نيٺ تمايس نينهن؛

— خليفو نبي بخش "قاسم"

— هن چيو:

جڏهن درياهہ جو پاڻي اپامي درياهہ جون چوٽيون ڍڪي ڇڏي،

جڏهن انسان سمنڊ جي موجن تي ڪاٺ ۽ جتو پوکي،

جهرڪيون ۽ آڪيرن مان آڏامي ويون آهن،
هر پکي آڏامي رهيو آهي،
سڀڪو تنهنجيءَ روشنيءَ ۾ زندگي گذاري رهيو آهي،
اي سچ ُ باد شاهه!

.... .... ....

ٻيڙيون اڇڻ وڇڻ لڳيون، پنهنجا سڙهه هوا ۾ آڏائينديون،
سڀ رستا تنهنجي نور سان روشن ٿي ويا،
مڇيون سطح تي اچي ويون،
اي نورِ ازل آهي تنهنجي لاءِ سجدي ۾ ڪري پيون،
تنهنجن ڪرڻن موجن کي توڙي ڇڏيو ۽ آهي سمنڊ جي تري
۾ وڃائجي ويون!

.... .... ....

تو ئي عورت مان انسان پيدا ڪيو،
تو ئي مرد ۾ زندگيءَ جو ٻج پوکيو،
ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار کي زندگي توکان ئي ملي،
آهو نہ روئي ٿو، نہ گهٻرائي ٿو،
ماءُ جي ڳڀرڻ ۾ سُتو پيو هوندو آهي،
تُنهنجو ٻاجهارو هٿ مٿس رکيل هوندو آهي،
ماءُ جي پيٽ مان نڪرندو آهي ۽ روشني ڏسندو آهي،
تون سندس مُنهن کولي ڇڏيندو آهين،
تڏهن هُو ڳالهائيندو آهي،
پوءِ تون ئي سندس ضرورتون پوريون ڪندو آهين،
اي بادشاهن جا بادشاهه!
تنهنجو نالو سڀني کان وڏو آهي،
ڇو تہ تون سورج - ديوتا آهين!

.... .... ....

ڪُڪڙ جو بيضو،
منجهس ٻچو،

اها! تنهنجي ئي قدرت آهي،
زندگيءَ جي گرمي تنهنجي ئي وصف آهي،
تو ئي بيضي ۾ ساهه وڌو،
ڏسو! ٻچو ٻاهر نڪري آيو،
پوريءَ طاقت سان ڳالهائيندو،
خالق جي تعريف ڪري ٿو،
پنهنجن پيرن تي هلڻ لڳي ٿو.

.... .... ....

تو سڄي جهان ۾ ”نيل“* پيدا ڪيو،
پنهنجي پسند مطابق آن کي وهايو،
سيني منجهانئس زندگي حاصل ڪئي،
اي پروردگار! ڪمزورن جا مددگار!
اي زمين جي هر گهر جا مالڪ!
اي روشن سج! توئي سيني کي پيدا ڪيو،
تون ئي جبلن تي جالارو مينهن وسائين ٿو،
پاڻي موجون هڻندو زمين تي وهي ٿو،
سيني ملڪن جا ماڻهو، پنهنجيون ٻنيون آباد ڪن ٿا،
اي لازواليت جا مالڪ! تنهنجا ڪارناما ڪهڙا نه شاندار آهن،
سڀ جانور به تنهنجي ئي پاڻيءَ مان ڍؤ ڪن ٿا،
پر مصر جو نيل ٻيءَ دنيا کان اچي ٿو،
تنهنجا ڪرتا آن تي پون ٿا،
ساوڪ جهومڻ لڳي ٿي،
باغ لڏڻ لڳن ٿا.
تنهنجي روشني زندگي آهي!
تنهنجي ڪري ڪائنات باقي آهي!

(مصري شاعري، ٽي هزار سال آڳاٽي)

(نوٽ: هي سڀ حوالا، مولانا ابوالڪلام آزاد جي ڪتاب
”نيرنگِ خيال“ تان ورتل آهن.)

---

(*): نيل ندي، مصر جو مشهور درياهه.

طاقتون، گجگوڙ ۽ طوفان وانگر ڪيس جهنجهوڙي آچلائي ڇڏين.
— ابوالڪلام آزاد

●

— ڪاش! وقت جا آمر ۽ جابر انساني زبانن مان نڪتل آوازن تي ڌيان ڏين. حقيقت ۾ انساني زبانن جي گهٽائيءَ مان نڪتل آواز تاريخ جو ناقابلِ شڪست آواز هوندو آهي. جيڪڏهن اُن آواز کي دنيا ۾ گهربل اهميت ملي وڃي ته شايد زمين جي ڪنهن بچڙي کي طوفان ۽ گجگوڙ بنجڻ جي ڪابہ ضرورت نہ هوندي آهي. وقت جا حڪمران، جڏهن تاريخ جي آواز کي بند ڪندا آهن، تڏهن تاريخ ڳالهائڻ بند ڪري تلوار ڏانهن هٿ وڌائيندي آهي، ۽ پوءِ انساني رت گندي پاڻيءَ کان بہ سستو ٿي ويندو آهي؛ شاهي ايوانن جي قيمت صرف ماچيس جي هڪ تيلي ۽ گاسليٽ جي هڪ بوتل جيتري ٿي ويندي آهي؛ تاج ۽ تخت، قاتل جوتي جيتري بہ قيمت نہ رکندا آهن.
اي وقت جا فرعون صفت حاڪمو! ماڻهن جي ڇپڻ ۾ سوراخ ڪري ٽالا هٿنڊؤ تہ هر ملڪ انگولا ۽ الجزائر بنجي ويندو.

●

— انگريزن جي هندستان تي قبضي ڪرڻ وقت هندستان جي مختلف حصن ۾ ڌار ڌار قوتون ڪم ڪري رهيون هيون، جن جي اختلاف ۽ انتشار مان انگريزن پوريءَ ريت فائدو ورتو ۽ ويا هندستان تي قدم ڄمائيندا. مثال طور: سراج الدولہ، ٽيپو سلطان ۽ مرهٽا. انگريزن مقامي غدارن جي معرفت سراج الدولہ ۽ ٽيپو سلطان کي شهيد ڪيو، باقي صرف هڪ طاقت مرهٽن جي بچيل هئي، جيڪا انگريزن سان مهاڏو اٽڪايو بيٺي هئي. اُنهيءَ طاقت کي ختم ڪري، هندستان تي انگريزن جو مڪمل

قبضو ڪرائڻ ۾ شاهه ولي الله جو شعوري يا غير شعوري هٿ هو: جنهن پناڻ وحشي حملي آور احمد شاهه ابداليءَ کي هندستان تي ڪاهه ڪرڻ جي دعوت ڏني، پاڻيپت جي ٽين جنگ ۾ مرهٽن جو بيشمار لشڪر ڪهائي، انگريزي اقتدار لاءِ رستو هموار ڪري ڇڏيو. احمد شاهه ابداليءَ کي مرهٽن سان وڙهڻ لاءِ شاهه ولي الله اهڙي وقت لکيو، جڏهن انگريز بنگال تي مڪمل قبضو ڪري ويا هئا. ان وقت جيڪڏهن شاهه ولي الله وطنيت جي جذبي هيٺ پناڻن ۽ روهيلن کي مرهٽن جي اتحاد لاءِ تيار ڪري، بنگال تي حملو ڪرائي ها ته شايد برصغير جي تاريخ مختلف هجي ها. پر شاهه ولي الله انگريزن کي ته ڇيڪ ڇڏي ڏنو، پر مرهٽن کي پنهنجو جاني دشمن سمجهي ختم ڪرايو. اصلي حقيقت هيءَ هئي ته شاهه ولي الله جي نظر ۾ اصلي مسلمان حڪومت صرف دهليءَ جي هئي، باقي مسلمان پرڳڻا ڪنهن جي به قبضي ۾ هجن ۽ اُتي جي رعيت ڪيڏي به دينڌار ڇو نه هجي، ان جي شاهه ولي الله کي پرواهه ڪانه هئي. بهرحال جيڪڏهن اها حقيقت آهي ته شاهه ولي الله، احمد شاهه ابداليءَ کي مرهٽن‌سان وڙهڻ لاءِ اهڙي وقت گهرايو، جڏهن انگريز بنگال تي قبضو ڪري چڪا هئا ته پوءِ اها شاهه صاحب جي ايڏي وڏي غلطي آهي، جنهن کي برصغير جي تاريخ ڪڏهن به معاف نه ڪندي ۽ اسان شاهه صاحب جي انهيءَ قدم جي ڪري شرمسار آهيون.

●

— هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ جي ڪن ليڊرن جي باري ۾ هندستان جي هڪ اڳوڻي وائسراءِ، لارڊ ويول، جيڪي رپورٽون مرتب ڪيون هيون، تن جو نائون جلد شايع ٿيو آهي: جنهن ۾ هن هندستان جي چئن وڏن سياستدانن جي باري ۾ هن ريت پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪيو آهي:

(١) گانڌي: برطانيا جو پراڻو دشمن.
(٢) جواهر لال نهرو: وڏا وڏا ناقابلِ عمل منصوبا ڏاهيندڙ، جذباتي، سوشلسٽ.
(٣) ولڀ ڀائي پٽيل: سخت، ضدي ليڊر، پنهنجي انداز ۾ دلڪش پر بيرحم، ڪٽر، فرقي پرست، سرمائيدارن جي اثر هيٺ، جن مان هڪ جي. ڊي. برلا جي ڪيسي ۾ رهندو هو.
(٤) ابوالڪلام آزاد: دل آويز پوڙهو، شريف ماڻهو، عربيءَ جو عظيم اسڪالر، مخلص، محب وطن ۽ پارٽي سياست جي سيني ڪان پُرڪشش شخصيت.

—

— الجزائر جي جنگِ آزاديءَ ۾ شهيد ٿيندڙن جي قبرن تي هيءَ عبارت لکيل آهي:

”شهيدو! سُتا رهو. اسان جاڳندڙ، توهان جي مشن کي اڳتي وڌائيندا سون. توهان انقلاب ۽ آزاديءَ جي جيڪا شمع روشن ڪئي آهي، تنهن کي سدائين روشن رکندا سون!“

—

— ”منهنجي پٽن جي ماءُ، منهنجي باري ۾ پڇا ڪندي آهي. حالانڪه هن آسمان هيٺان منهنجي خبر سيني کان وڌيڪ اُن کي آهي.
تون مون کان فرينچن جي باري ۾ پڇ!
تو کي خبر پوندي ته اُنهن جو موت منهنجيءَ تلوار ۽ نيزي جي اڻيءَ ۾ آهي.
ٻيا سردار پنهنجي لشڪرن جي پناهه وٺندا آهن،
منهنجو لشڪر منهنجي پناهه وٺندو آهي،

—— جواني بجاءِ خود خوبصورتي آهي. عورت جيڪڏهن مٿيءَ
جي ذهين هجي، پوءِ به جوانيءَ ۾ انتهائي سندر ۽ پر ڪشش
لڳندي آهي. —— (ڪرشنچندر)

—— تون ايڏي ته خوبصورت ۽ نازڪ آهين، جو جڏهن پير
اگهاڙا ڪري ڌرتيءَ تي هلين ٿي ته تنهنجن پيرن جي رنگ
جا ڳوڙها نشان زمين تي چٽجيو وڃن.
—— (ٿري لوڪ شاعري)

—— ”رات اوپر طرف کان ڪنوڻ تجلو ڏنو. سوچيم بنا منڊ
۽ بنا ڪنهن چمر جي چانڊ جهڙي، وڄڙي ڪتان ٿي وراڪا
ڏئي؟ پر پوءِ پروڙيم ته اهو تجلو ڪنوڻ جو نه هو، پر تو
مرڪيو هوندو ۽ اهو آهاءَ تنهنجن ڏندن جي سفيديءَ ۽ چپن
جي لالاڻ جي سنگم جو نتيجو هوندو.“ —— (ٿري شعر)

—— ”هن جي چيلهه اهڙي سنهي هئي، جهڙي ڏيئي جي لاٽ —
سندس ميت، جڏهن هن جي چيلهه ڏانهن ڏٺو، تڏهن ڏ پ
ٽيس ته جيڪڏهن پاڪر وڌم ته اها چيلهه ڪٿي ٽٽي نه پوي.
—— (ٿري شعر)

—— ”تون آڪ جي پن کان سنهي آهين ۽ شيشي وانگر جرڪي
رهي آهين، جيڪڏهن تون سچ پچ آها آهين، جنهن جي لاءِ
آءٌ ڪشالا ڪڍي آيو آهيان ته پڪ ڄاڻ ته منهنجي همت لڳي

